
قرآني بيان

# بُرائي جو اڳواڻ نه بڻجو!

(سيپارو:۱، سوره بقرة:41)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

24 اپريل، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ 6 ذوالقعده، 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہِ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
24 اپريل، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ 6 ذوالقعدہ، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# بُرائي جو اڳواڻ نہ بڻجو! (سيپارو:1، سوره بقرة:41)

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگھندؤ...

✿... سنّت تي عمل جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي

✿... شروعات هڪ سان ٿيندي آهي

✿... حوضَ تي اونڌو لٽڪيل ماڻھو (واقعو)

✿... ماڻھو سَھو ڪيئن بڻيو...؟ (واقعو)

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ بَلَغَتْنِيْ صَلَاتُهٗ وَصَلَّيْتُ عَلَيْهِ وَكُتِبَ لَهٗ سِوٰى ذٰلِكَ عَشْرُ حَسَنَاتٍ۔

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آهي.** مون تي درود پڙهڻ واري جو درود مون تائين پهچندو آهي ۽ مان ان جي لاءِ دعا ڪندو آهيان، ان کان علاوه درود پڙهڻ واري لاءِ 10 نيڪيون بہ لکيون وينديون آهن.[1]

هے کرم ہی کرم کہ سنتے ہیں | آپ خوش ہو کے بار بار درود(2)

پيارا اسلامي ڀائرو! درودِ پاڪ پڙهڻ جا تمام گهڻا فضائل آهن پر هن فضيلت جي ڳالهہ ئي نرالي آهي، جيڪو ٻانهو درود شريف پڙهندو آهي، رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي لاءِ دعا فرمائيندا آهن. واه! سُبْحٰنَ الله! ڄاڻو ٿا، ان دعا جون برڪتون ڇا آهن؟ ◈ دعاءِ مصطفيٰ جي برڪت

[1]...معجم اوسط، من اسمہ احمد، جلد:1، صفحہ:446، حديث:1642۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:125۔

سان نصيب چمڪي پوندا آهن ◈ آفتون ۽ بلائون ٽري وينديون آهن ◈ مشڪلاتون حل ٿينديون آهن ◈ بِگڙي بڻجي ويندي آهي ◈ دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي آهي، ها! ها! دعاءِ مصطفيٰ ئي تہ آهي ◈ جنهن جي برڪت سان چنڊ جا 2 ٽڪرا ٿيا هئا ◈ لٿل سج موٽي آيو هو ◈ ان دعا جي برڪت سان مئل زنده ٿي ويندا آهن ◈ دلين جا انڌا هدايت ماڻي وٺندا آهن ۽ سُبْحٰنَ الله! دعاءِ مصطفيٰ جو ڇا تہ شان آهي...!! ربُّ ڪريم فرمائي ٿو:

وَصَلِّ عَلَيۡهِمۡ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمۡ ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي حبيب! اوهان انهن جي مال مان زڪوات وصول ڪريو جنهن سان اوهان انهن کي ستھرو ۽ پاڪيزه ڪيو ۽ انهن جي حق ۾ دعاءِ خير ڪيو بيشڪ اوهان جي دعا انهن جي دلين جو سڪون آهي. (سيپارو: 11، التوبه: 103)

ڪنهن ڪنهن کي دل جو سڪون گهرجي! ڪير ڪير پنهنجي بگڙيل بڻائڻ چاهي ٿو؟ ڪير ڪير دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون گهرڻ وارو آهي؟ يقيناً اسان سڀ آهيون. ان جي لاءِ ڇا ڪرڻو آهي؟ تمام آسان ڪم آهي...!! درودِ پاڪ پڙهندا ڪريو! اسان دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ ويهي درودِ پاڪ پڙهون، اسان جو درود بارگاهِ رسالت ۾ پهچندو آهي ۽ حُضُورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: وَصَلَّيْتُ عَلَيْهِ جيڪو مون تي درود پڙهندو آهي، مان ان جي لاءِ دعا ڪندو آهيان.

| | |
|---|---|
| اس جوابِ سلام کے صدقے! | تا قیامت ہوں بے شمار سلام |
| میری بگڑی بنانے والے پر | بھیج اے میرے کِردِگار سلام |

اس پناہِ گنہگاراں پر | یہ سلام اور کروڑ بار سلام(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اٰمِنُوْا بِمَاۤ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ وَ لَا تَكُوْنُوْۤا اَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهٖ ۪ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِاٰیٰتِیْ ثَمَنًا قَلِیْلًا٘ وَّ اِیَّایَ فَاتَّقُوْنِ (۴۱)

(سيپارو: 1، البقرة: 41)

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

**ترجمو ڪنز العرفان:** ۽ ايمان آڻيو ان (ڪتاب) تي جيڪو مون لاٿو آهي اهو توهان وٽ موجود ڪتاب جي تصديق ڪرڻ وارو آهي ۽ سڀ کان پهريان ان جو انڪار ڪرڻ وارا نہ بڻجو ۽ منهنجي آيتن جي بدلي ٿوري قيمت نہ وٺو ۽ مون کان ئي ڊڄو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريمہ جو شانِ نزول

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سورت بقره جي آيت: 41 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمہ ۾ بني اسرائيل جي عالمن سان خطاب آهي، هتي انهن کي 4 ڳالهين جو حڪم ڏنو ويو آهي. اچو! پهريان آيتِ

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:170-171 ملتقطًا۔

ڪريم جو شانِ نزول ٻڌون ٿا، پوءِ هن آيت کي سمجهڻ ۽ ان مان سکڻ جا سبق ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

مفسرينِ ڪرام لکن ٿا: ڪعب بن اَشرف (جيڪو بني اسرائيل جو وڏو عالم هو) ۽ ان جا ٻيا ساٿي پنهنجي قوم جي جاهلن کان رقم وٺندا هئا ۽ انهن جي پيداوار ۾ پنهنجا حصا مقرر ڪري ڇڏيا هئا، جڏهن رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا تہ انهن کي فڪر ٿي تہ توريت شريف ۾ جيڪي حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جا اوصاف ۽ فضائل وجود آهن، جيڪڏهن اسان ان کي ظاهر ڪري ڇڏيون يا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻيون تہ اسان جي قوم بہ انهن تي ايمان آڻي وٺندي. ائين اسان جي اها آمدني بند ٿي ويندي. ان ڪري انهن توريت کي بدلائي ڇڏيو ۽ جڏهن ماڻهو انهن کان پڇندا هئا تہ توريت ۾ نبي آخرُ الزَّمان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جا ڪهڙا اوصاف آهن تہ اهي لڪائيندا هئا ۽ ماڻهن کي نہ ٻڌائيندا هئا.[1]

تفسير روحُ البيان ۾ آهي: هڪ ڀيري ڪعب بن اَشرف بني اسرائيل جي عالمن کان پڇيو: توهان محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم) جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ (ڇو تہ اها هڪ نجي مجلس هئي، سڀ پاڻ ۾ ئي ويٺا هئا، تنهنڪري) انهن سچ ڳالهائيندي چيو: بيشڪ اهي سچا نبي آهن. ان تي ڪعب بن اَشرف چيو: جيڪڏهن توهان ان کان علاوه ڪو ٻيو جواب ڏيو ها تہ مان توهان سيني کي انعام ڏيان ها. هاڻي اهي ئي عالم جيڪي ٿهريان سچ ڳالهائي رهيا هئا، انهن جي دل ۾ لالچ اچي وئي ۽ چوڻ لڳا: اسان بنا سوچي جواب ڏئي ڇڏيو، اسان کي ان باري ۾ ٿوري تحقيق ڪرڻ ڏيو! ڪعب چيو: نيڪ آهي سوچي وٺو!

---

[1]...تفسير خازن، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:41 مفصلًا۔

هاڻي اهي سڀ اتان اٿيا ۽ توريت شريف ۾ جيڪي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جا اوصاف بيان ٿيل هئا، اهي توريت مان ڪڍي ڇڏيائون! ۽ ان جي جاءِ تي دجال جا جيڪي اوصاف توريت ۾ هئا، انهن کي حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيائون. هاڻي انهن جو اهو من گهڙت جواب جڏهن ڪعب ٻڌو تہ ان هر عالِم (جيڪي حقيقت ۾ جاهل هئا، انهن) کي انعام ڏنا! ان موقعي تي هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي، اللّٰه پاڪ انهن کي ايمان آڻڻ جو حڪم ڏيندي فرمايو:[1]

وَاٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ايمان آڻيو ان (ڪتاب) تي جيڪو مون لاٿو آهي اهو توهان وٽ موجود ڪتاب جي تصديق ڪرڻ وارو آهي. (سيپارو: 1، البقرة: 41)

يعني اي بني اسرائيل جا عالمَ...!! هن قرآن واري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي، انهن جي آندل آسماني ڪتاب قرآنِ مجيد تي، انهن جي سمورن معجزن تي ايمان آڻيو! اول تہ ان ڪري جو پوين ڪتابن ۽ رسولن وانگر هي بہ اسان جا موڪليل آهن. ٻيو ان ڪري تہ هي ڪتاب قرآنِ مجيد ۽ اسان جا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم توهان جي ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارا آهن. توهان جي ڪتابن ۾ اهو لکيل آهي، توهان جي نبين توهان کي اهو ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ ◈ اهڙي شڪل و شباهت وارا ◈ اهڙن اعليٰ اخلاق ۽ صفتن وارا ◈ اهڙين اعليٰ خوبين وارا ◈ مڪي ۾ پيدا ٿي مديني طرف هجرت فرمائڻ وارا ◈ سنا ڪم سيکارڻ وارا ◈ سڌو رستو ڏيکارڻ وارا ◈ سچي ڳالهہ ٻڌائڻ وارا ◈ توحيد جو سبق پڙهائڻ وارا ◈ ڪفر ۽ گمراهي مٽائڻ وارا ◈

[1]...تفسير روح البيان، پاره:1، سورۃ بقرۃ، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:121۔

رحمٰن جي طرفان قرآن آڻڻ وارا ◈ مرجهايل گل ٽڙائڻ وارا ◈ روئندڙن کي کلائڻ وارا ◈ سڙندڙن کي وسائڻ وارا ◈ فرش تي رهي عرش تي حکومت فرمائڻ وارا ◈ صحراءِ عرب ۾ ويهي ساري جهان کي ڏسڻ وارا محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف آڻڻ وارا آهن. هاڻي جڏهن اسان جا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا، اللّٰه پاڪ جي طرفان انهن تي قرآن نازل ٿي رهيو آهي، پس انهن جي اچڻ ۽ قرآن ٻڌائڻ سان توهان جا ڪتاب سچا ثابت ٿي ويا تہ انهن ڪتابن ۾ جيئن چيو ويو هو، بلڪل ائين ئي ٿيو. تنهنڪري پنهنجي ڪتابن تي پوري طرح ايمان رکڻ جي خاطر اسان جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهي انهن جي دامنِ ڪرم ۾ داخل ٿي وڃو![1]

وَلَا تَكُوْنُوْۤا اَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهٖ ۪

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ سڀ کان پهريان ان جو انڪار ڪرڻ وارا نہ بڻجو.

(سيپارو: 1، البقرة: 41)

آيتِ ڪريمہ جي هن حصي جي هڪ معنيٰ علماءِ ڪرام اها ٻڌائي تہ اي بني اسرائيل جا عالمو! ◈ اڄ توهان اسان جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اکين سان ڏسي رهيا آهيو ◈ توهان جي سامهون معجزا ظاهر ٿي رهيا آهن ◈ قرآن توهان کي ٻڌايو پيو وڃي ◈ جانور هتي سجدا ڪندا آهن، توهان ڏسندا آهيو ◈ وڻ، پٿر انهن کي سلام ڪندا آهن، توهان ڏسندا آهيو، ان هوندي بہ جيڪڏهن توهان ڪلمو نہ پڙهندؤ تہ سياڻي توهان جا ايندڙ نسل، توهان جي پويان هلندا، توهان جي انڪار جي ڪري اهي بہ اسلام کان محروم رهجي

[1]... تفسير نعيمی، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:331-332مفصلاً۔

ويندا، پوءِ قاعدو اهو آهي تہ انهن جي ڪفر جو گناهہ بہ توهان جي مٿان ايندو، تنهنڪري عقلمند بڻجو! اڄ ڪلمو پڙهي وٺو! ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جي ايمان جو سبب بڻجي وڃو![1]

وَلَا تَشْتَرُوْا بِاٰیٰتِیْ ثَمَنًا قَلِیْلًا٘

ترجمو ڪنزُ العرفان: منهنجي آيتن جي بدلي ٿوري قيمت نہ وٺو.
(سيپارو: 1، البقرة: 41)

يعني لالچ ۾ نہ پئو! دنيا جي حقير دولت جي خاطر ايمان ڪان محروم رهجي آخرت جي هميشہ واري سخت ترين عذاب جا حقدار نہ بڻجو![2]

وَ اِیَّایَ فَاتَّقُوْنِ ﴿۴۱﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ مون ڪان ئي ڊڄو. (سيپارو: 1، البقرة: 41)

يعني◈ ماڻهو ڇا چوندا؟ ◈ توهان جا عهدا ڪسجي ويندا ◈ توهان جي آمدني بند ٿي ويندي، انهن سڀني ڳالهين جو خوف دل ۾ نہ آڻيو! صرف ۽ صرف الله پاڪ ڪان ئي ڊڄندا رهو...!![3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]… تفسير ڪبير، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:484 خلاصةً۔

[2]… تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:332-333خلاصةً۔

[3]… تفسير نعيمى، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:330خلاصةً۔

## آيتِ ڪريمہ مان سکڻ جا سبق

پيارا اسلامي ڀائرو! اها هن آيت ڪريمہ جي مختصر وضاحت هئي، اچو! هن آيتِ ڪريمہ مان سکڻ جا ڪجهہ سبق بہ ٻڌي ونون ٿا:

## (1): سنت تي هلڻ جي ترغيب

سڀ کان پهريان تہ اهو غور ڪريو! اللہ پاڪ انهن بني اسرائيل کي فرمايو:

وَاٰمِنُوْا بِمَاۤ اَنْزَلْتُ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ايمان آڻيو ان (ڪتاب) تي جيڪو مون لاٿو آهي.

(سيپارو: 1، البقرة: 41)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هن جاءِ تي اللہ پاڪ اهو نہ فرمايو تہ اسان جي قرآن تي ايمان آڻيو! بلڪ فرمايو: جيڪو مون نازل ڪيو، جيڪو ڪجهہ لاٿو ان تي ايمان آڻيو! صوفي سڳورا هن جاءِ تي فرمائن ٿا: جنهن طرح قرآنِ ڪريم اللہ پاڪ جو لاٿل آهي، اهڙي طرح رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم بہ اللہ پاڪ جا موڪليل آهن ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون بہ وحي آهن. ان صورت ۾ آيتِ ڪريمہ جي معنيٰ ٿينديءَ: اي بني اسرائيل جا عالمو! قرآن تي بہ ايمان آڻيو! اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي سچو نبي بہ مڃي وٺو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هر هر ادا تي بہ ايمان آڻيو![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هتان اسان کي سبق مليو تہ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هر هر فرمان، سندن هر هر ادا تي ايمان آڻڻ،

---

[1]...تفسير نعيمی، پاره:1، سورۀ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:331 خلاصةً۔

ان کي مڃڻ، ان کي دل و جان سان تسليم ڪرڻ، اهو بہ ايمان جو حصو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هر هر فرمان ۽ هر هر ادا سان دل جو تعلق وڌايون، هر هر اداءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي محبت دل ۾ وڌايون، ان جي برڪت سان اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! ايمان پڪو ٿيندو، محبتِ مصطفيٰ وڌندي، ان جي برڪت سان ايمان جي مٺاڻ نصيب ٿيندي ۽ دنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي.

## سنت کان بي رغبتي رکڻ وارو

رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنۡ رَغِبَ عَنۡ سُنَّتِيۡ فَلَيۡسَ مِنِّيۡ يعني جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو، اهو مون مان ناهي.[1]

هڪ روايت ۾ آهي: مَنۡ لَمۡ يَعۡمَلۡ بِسُنَّتِيۡ فَلَيۡسَ مِنِّيۡ يعني جيڪو منهنجي سنت تي عمل نہ ڪري، اهو مون مان ناهي.[2]

حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: يعني جيڪو ڪنهن سنت کي برو ڄاڻي، اهو اسلام مان خارج آهي يا جيڪو بنا وجهہ سنت ڇڏڻ جي عادت بڻائي وني، اهو منهنجي پرهيزگارن جي جماعت مان خارج آهي.[3]

---

[1]...بخاری، کتاب النکاح، باب الترغیب فی النکاح، صفحہ:5063، صفحہ:1307۔

[2]...ابن ماجہ، کتاب النکاح، باب ما جاء فی فضل النکاح، صفحہ:296، حدیث:1846۔

[3]...مرآۃ المناجیح،جلد:1، صفحہ:151۔

## سنت تي عمل جي برڪت سان بخشش ٿي وئي

امام شمسُ الدين محمد ذهبي رَحمۃُاللہِ عَلَيْہ لکن ٿا: حضرت علي بن حسين رَحمۃُ اللہِ عَلَيْہ، حضرت هِبَت الله طَبَري رَحمۃُاللہِ عَلَيْہ کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَافَعَلَ اللّٰہُ بِكَ يعني الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائين: الله پاڪ منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي. عرض ڪيو: ڪهڙي سبب؟ تہ هنن رازدارانہ انداز ۾ چيو: سنت جي ڪري.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان سنت تي عمل ڪرڻ بخشش جو ذريعو بڻجي ويو. يقيناً اهو ڪامياب ۽ ڪامران آهي، جيڪو فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن کي پنهنجي زندگي ۾ اٿندي ويهندي شامل ڪري وٺي. اسان جي معمولات مان ڪيترائي ڪم اهڙا آهن، جن کي جيڪڏهن سنت مطابق ڪيو وڃي تہ اسان ثواب جا حقدار بڻجي سگهون ٿا مثال طور ◈ سنت مطابق کائڻ ◈ پيئڻ ◈ هلڻ ◈ ڦرڻ ◈ سمهڻ ◈ جاڳڻ ◈ مسواڪ ڪرڻ ◈ لباس پائڻ ◈ جوتا پائڻ ۽ لاهڻ ◈ تيل لڳائڻ ◈ ننهن ڪٽڻ ◈ گفتگو ڪرڻ وغيره، الله پاڪ اسان سڀني کي سنت سان محبت عطا فرمائي.

سُنَّتوں سے بھائی رشتہ جوڑ تُو
نِت نئے فَیشن سے مُنہ کو موڑ تُو
خوب کر ذِکرِ خدا و مصطفٰے
دِل مدینہ یاد سے اُن کی بنا
یاخدا! ہے التجاء عطارؔ کی
سُنَّتیں! اپنائیں سب سرکار کی[2]

[1] ...سير اعلام النبلاء، رقم:3788، اللالكائى الامام ہبۃ اللہ بن الحسين بن منصور، جلد:13، صفحہ:270۔

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:715 ملتقطًا۔

## (2): برائي جا اڳواڻ نہ بڻجو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ مان هڪ ٻيو سبق جيڪو اسان کي سکڻ لاءِ ملي ٿو، اهو آيتِ ڪريمہ جي هن حصي ۾ آهي:

وَلَا تَكُونُوٓا۟ أَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهِۦ ۖ

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ سڀ کان پهريان ان جو انڪار ڪرڻ وارا نہ بڻجو.
(سيپارو: 1، البقرة: 41)

يعني قرآن جا، دينِ اسلام جا، محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جا پهريان ڪافر نہ بڻجو...!!

هتي غور ڪرڻ جي ڳالھ آهي، اها جيڪا هڪ سوچ ڏني پئي وڃي، علماءِ بني اسرائيل کي ايمان جو حڪم ڏيڻ جي لاءِ جنهن پهلوءَ طرف انهن جو ڌيان ڇڪايو پيو وڃي، يعني انهن کي چيو ويو تہ اي بني اسرائيل جا عالِمو! اڄ جيڪڏهن توهان ڪفر ڪندؤ ۽ پنهنجي ان ڪافراڻي روش تي اٽل رهندؤ، تہ اها هڪ برائي تہ آهي ، ان سان گڏوگڏ ان ۾ برائي جو هڪ ٻيو پهلو بہ آهي، اهو هي تہ اڄ توهان جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ تہ توهان جي ان ڪفر جي ڪري توهان جا نسل بہ بگڙجي سگهن ٿا، اهي بہ توهان جي ئي نقشِ قدم تي هلندا، پوءِ انهن جي ڪفر جو بہ گناهہ توهان جي مٿي تي ايندو، تنهنڪري اڄ پنهنجي نسلن جو بہ فڪر ڪريو! اڄ توهان ايمان آڻيندؤ، اڄ توهان سنورجي ويندؤ تہ ان جي صدقي ۾ توهان جا ايندڙ نسل بہ سنورجي ويندا...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! هتان اسان کي هڪ روشني ملي ٿي، هڪ سبق سکڻ لاءِ ملي ٿو، اهو هي تہ اڄ اسان کي جيڪو ڪجھ ڪرڻو آهي، اسان جيڪي

فيصلا وٺندا آهيون، اسان جيڪي عادتون اپنائيندا آهيون، اسان جيڪو ڪجھ هن دنيا ۾ ڪري رهيا آهيون، اهو سڀ ڪجھ ڪرڻ ۾ اسان کي پنهنجي نسلن جو لحاظ ڪرڻ بہ ضروري آهي.

## شروعات هڪ کان ٿيندي آهي

ياد رکو! برائي هجي يا چڱائي هجي، ان جي شروعات هميشہ هڪ فرد کان ٿيندي آهي، هڪ ماڻهو برائي جو رستو اختيار ڪندو آهي، ان جي نتيجي ۾ پورا پورا نسل تباھ ٿي ويندا آهن، اهڙي طرح هڪ ماڻهو چڱائي جو رستو اختيار ڪندو آهي، ان جي نتيجي ۾ نسلن جا نسل سنورجي ويندا آهن. ڪجھ مثال عرض ڪريان: ◈ پراڻي دور ۾ يمن جا ماڻهو سج کي پنهنجو خدا مڃيندا هئا، سج جي عبادت ڪندا هئا، ان جو ذڪر قرآنِ ڪريم ۾، سورتِ نمل ۾، ملڪہِ بلقيس جي واقعي ۾ بہ ٿيو، هاڻي ڪڙيون جوڙڻ شروع ڪريو! يمن ۾ سج جي پوڄا ڪٿان شروع ٿي هئي، ان سڄي شرڪ جي پويان اسان کي هڪ شخص نظر اچي ٿو ۽ اهو هو: سَبَا اَکْبَر: هن هڪ شخص سج جي پوڄا شروع ڪئي، پوءِ نسلن جا نسل ان شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويا.[1] ◈ اهڙي طرح عرب ۾ شرڪ عام هو، ايستائين جو ڪعبي شريف جي چوڌاري 360 مجسما رکيل هئا ۽ ماڻهو انهن جي پوڄا ڪندا هئا، اهو شرڪ ڪٿان شروع ٿيو؟ هڪ ماڻهو کان. عَمْرو بِنْ لُحَيْ بدبخت هو، جنهن پهريون ڀيرو عرب ۾ شرڪ جو آغاز ڪيو هو، پوءِ اها برائي وڌندي وڌندي پوري عرب ۾ پکڙجي وئي.[2]

---

[1]…المفصل فی تاریخ العرب قبل الاسلام، الفصل الثانی والستون، عبادۃ الکواکب، جلد:6، صفحہ:55۔

[2]…سیرۃ ابن ہشام، قصۃ عمرو بن لحی و ذکر اصنام العرب، جز:1، جلد:1، صفحہ:56۔

ايئن ئي ڏسو! ◈ فارس جو هڪ شخص هو، نالو هو: زُوطِي. انهن هڪ سنو فيصلو ورتو، سندن دل ۾ ايمان جو نور چمڪيو، انهن ڪلمو پڙهيو ۽ دائرهٔ اسلام ۾ داخل ٿي ويا، پوءِ انهن پنهنجو نالو نعمان رکيو، اهو هڪ ماڻهوءَ جو سنو فيصلو هو، پوءِ انهن جو پورو نسل مسلمان ٿي ويو.[1] ۽ ربّ ڪريم انهن جي نسل ۾ هڪ عظيم الشان هستي کي پيدا فرمايو، جن جا اڄ لکين نہ، ڪروڙين مجڻ وارا آهن، انهن جو نالو آهي نُعْمَان بن ثَابِت ۽ دنيا انهن کي امامِ اعظم چوندي آهي. ڏسو! شروعات هڪ شخص ڪان ٿي، پوءِ ان جي ڪري ايندڙ نسل سنورجي ويا.

خبر پئي: چڱائي هجي يا برائي، ان جي شروعات هڪ ئي شخص ڪان ٿيندي آهي، اسان وٽ عام طور تي اهو جملو ڳالهايو ويندو آهي: اسان جا ابا ڏاڏا ائين ئي ڪندا هئا. اڄ اسان جي معاشري ۾ هزارين رسمون رائج آهن، انهن ۾ سنيون بہ آهن، بُريون بہ آهن ۽ ماڻهو انهن کي ادا ڪندا آهن، جيڪڏهن چيو وڃي تہ اهي بريون رسمون ڇڏي ڏيو...! ! تہ چوندا آهن: اسان جا ابا ڏاڏا ائين ڪندا هئا، هاڻي اهي ابا ڏاڏا ڪير آهن؟ ان جي ڇنڊڇاڻ شروع ڪريون تہ آخر ۾ هڪ شخص ملندو، جنهن اها رسم شروع ڪئي هوندي، اڄ تائين اها رسم رائج آهي، نسلن جا نسل ان تي هلي رهيا آهن. بلڪل اهڙي طرح اڄ جيڪو والد آهي، اهو سڀاڻي ڏاڏو بہ هوندو، الله پاڪ اسان جي نسلن کي سلامت رکي، اڄ جو والد سڀاڻي جو پڙڏاڏو بہ هوندو، تڙڏاڏو بہ هوندو، پوءِ ايندڙ نسل، اسان جو مثال ڏئي چوندا: اسان جا ابا ڏاڏا ائين ڪندا هئا. هاڻي فيصلو اسان جو آهي، اهو اسان کي سوچڻو آهي تہ اسان پنهنجي نسلن کي ڇا ڏئي رهيا آهيون؟ اهو ڪهڙو ڪاروبار آهي جيڪو

[1] ...سيرت امام اعظم، صفحہ:15۔

اسان پنهنجي اولاد لاءِ ورثي ۾ ڇڏي رهيا آهيون، هڪ شخص گناهن ڀري زندگي اختيار ڪري ٿو، ان جي پويان نسلن جا نسل هلي پوندا آهن ۽ هڪ شخص جيڪڏهن عالم بڻجي وڃي تہ ان جي نسلن ۾ عالم بڻجڻ شروع ٿي ويندا آهن.

هاڻي فيصلو اسان جو آهي، اهو اسان کي سوچڻو آهي تہ اسان پنهنجي نسلن لاءِ ورثي ۾ ڇا ڇڏي رهيا آهيون. ياد رکو: جيڪڏهن اڄ اسان پنهنجي نسلن لاءِ ڪا برائي ورثي ۾ ڇڏي تہ جيستائين اها برائي رائج رهندي، اسان جيتوڻيڪ قبر ۾ بہ پهچي چڪا هونداسين، جيتوڻيڪ اسان جي قبر جو نالو ۽ نشان بہ مٽجي چڪو هوندو، ان برائي جو گناهہ اسان جي اعمال نامي ۾ لکيو ويندو رهندو.

## جنهن برو طريقو رائج ڪيو

جي ها! هي حديثِ پاڪ ۾ آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن اسلام ۾ ڪو سٺو طريقو ايجاد ڪيو تہ ان جي لاءِ ان طريقي کي ايجاد ڪرڻ جو ثواب هوندو ۽ ان کان پوءِ جيڪي ماڻهو ان طريقي تي عمل ڪندا، انهن جو ثواب بہ ان (ايجاد ڪرڻ واري) کي ملندو ۽ انهن (عمل ڪرڻ وارن) جي پنهنجي ثواب ۾ بہ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي ۽ جنهن اسلام ۾ برو طريقو ايجاد ڪيو تہ ان تي ان جو گناهہ هوندو ۽ ان کان پوءِ جيڪي ماڻهو ان تي عمل ڪندا انهن جو گناهہ بہ ان کي ٿيندو ۽ انهن (عمل ڪرڻ وارن) جي پنهنجي گناهہ ۾ بہ ڪا گهٽتائي نہ ٿيندي.[1]

[1]...مسلم، كتاب العلم، باب من سن سنة حسنة او سيئة...الخ، صفحه:1031، حديث:1017۔

## حوض تي اوندو لٽڪيل ماڻهو

هڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، جن جو نالو عبدالله هو. پاڻ فرمائن ٿا تہ اسان ڪجھ ماڻهو سمنڊ جي سفر تي روانا ٿياسين. اتفاقاً ڪجھ ڏينهن تائين گهٽ اوندھ ڇانيل رهي، جڏهن روشني ٿي تہ هڪ بستي سامهون اچي وئي. عبدالله چوي ٿو تہ مان پيئڻ جي پاڻيءَ جي تلاش ۾ نڪتس، پر بستيءَ جا دروازا بند هئا، مون گهڻيون ئي صدائون ڏنيون پر ڪو جواب نہ آيو. ان ئي دوران ٻہ شهسوار (يعني گهوڙي سوار) ظاهر ٿيا، انهن چيو: اي عبدالله! هن گهٽيءَ ۾ داخل ٿي وڃ، اتي توکي پاڻيءَ جو هڪ حوض ملندو، ان مان پاڻي پري ونجانءِ ۽ اتي جو منظر ڏسي خوفزده نہ ٿجانءِ. مون انهن کان انهن بند دروازن بابت پڇيو جن مان هوائون گهلي رهيون هيون، انهن ٻڌايو تہ: ”اهي اهي گهر آهن جن ۾ فوت ٿي ويلن جا روح رهن ٿا.“ پوءِ جڏهن مان حوض تي پهتس تہ ڏٺم تہ هڪ شخص پاڻيءَ تي ابتو لٽڪيل آهي، هو پنهنجي هٿ سان پاڻي ڪڍڻ چاهي ٿو پر ناڪام ٿي ويندو آهي. مون کي ڏسي هو پڪارڻ لڳو: اي عبدالله! مون کي پاڻي پيار. مون ٿانو ڪڍي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو تہ جيئن کيس پاڻي پياري سگهان پر ڪنهن منهنجو هٿ پڪڙي ورتو. مون ان لٽڪيل ماڻهوءَ کي چيو: اي بندهِ خدا! تو ڏسي ورتو تہ مون پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي تہ توکي پاڻي پياريان پر منهنجو هٿ پڪڙيو ويو، تون مون کي پنهنجو واقعو ٻڌاءِ. تنهن تي هن چيو: مان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو پٽ (قابيل) آهيان، جنهن دنيا ۾ سڀ کان پهريون قتل ڪيو هو.[1]

[1]...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب من عاش بعد الموت، جلد:6، صفحہ:296، رقم:48۔

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اهو ان شخص جو انجام آهي جيڪو برائي جو پيشوا (اڳواڻ) بڻجي ٿو ۽ جيڪو برائي جو اڳواڻ بڻجي يعني پنهنجي ايندڙ نسلن جي لاءِ برائي ايجاد ڪري وڃي يا جنهن جي ڪري ماڻهو بري رستي جا مسافر بڻجي وڃن، قيامت جي ڏينهن ان جو انجام ڇا ٿيندو؟ ٻڌو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَاَمَّا مَنْ اُوْتِیَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ﴵ فَیَقُوْلُ یٰلَیْتَنِیْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِیَهْ ﴿ۚ۲۵﴾ وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِیَهْ ﴿ۚ۲۶﴾ یٰلَیْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِیَةَ ﴿ۚ۲۷﴾ مَاۤ اَغْنٰى عَنِّیْ مَالِیَهْ ﴿ۚ۲۸﴾ هَلَكَ عَنِّیْ سُلْطٰنِیَهْ ﴿ۚ۲۹﴾ خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ ﴿ۙ۳۰﴾ ثُمَّ الْجَحِیْمَ صَلُّوْهُ ﴿ۙ۳۱﴾ ثُمَّ فِیْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿ؕ۳۲﴾ اِنَّهٗ كَانَ لَا یُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِیْمِ ﴿ۙ۳۳﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ رهيو اهو جنهن کي ان جو اعمالنامو کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو تہ اهو چوندو: اي ڪاش جو مون کي منهنجو اعمالنامو نہ ڏنو وڃي ها ۽ مان نہ ڄاڻان ها تہ منهنجو حساب ڪهڙو آهي اي ڪاش جو دنيا جو موت ئي (منهنجو ڪم) تمام ڪرڻ وارو ٿي وڃي ها منهنجو مال منهنجي ڪنهن ڪم نہ آيو منهنجو سڄو زور ويندو رهيو (فرشتن کي حڪم ٿيندو) ان کي پڪڙيو پوءِ ان جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهو پوءِ ان کي ٿهڪندڙ باهہ ۾ داخل ڪريو پوءِ اهڙين زنجيرن ۾ جڪڙيو جنهن جي ڊيگهہ ستر هٿ آهي بيشڪ اهو عظمت واري الله تي ايمان نہ آڻيندو هو. (سيپارو: 29، الحاقه: 25_ 33)

هن آيتن جي تحت تفسير قُرطبي ۾ آهي: هي برائي جي پيشوا جو ذڪر آهي (يعني اهو شخص جنهن برائي ايجاد ڪئي يا جنهن جي برن ڪمن ۾ پيروي ڪئي ويندي هئي، هي ان جو حال آهي)، ان کي قيامت جي ڏينهن

نالو وني پڪاريو ويندو، اهو حساب جي لاءِ اڳتي وڌندو، هاڻي ان جي هٿ ۾ ڪارو اعمالنامو ڏنو ويندو، ان تي ڪاري رنگ سان اعمال لکيل هوندا، هاڻي ان کي اعمالنامو پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويندو، تنهنڪري اهو پهريان پنهنجون نيڪيون پڙهڻ شروع ڪندو، پڙهندو ويندو، پڙهندو ويندو، ايستائين جو سمجهندو تہ مون وٽ ايتريون نيڪيون آهن، تنهنڪري مان بخشجي ئي ويندس پر اهو نيڪيون پڙهندي پڙهندي جيئن ئي آخر تائين پهچندو تہ اتي لکيل هوندو: هٰذِهٖ حَسَنَاتُكَ وَقَدْ رُدَّتْ عَلَيْكَ تنهنجون نيڪيون آهن، جيڪي سڀ جون سڀ رد ڪيون وجن ٿيون. اهو پڙهي ان جو چهرو ڪارو ٿي ويندو، دل تي غم ڇانئجي ويندو، پلائي کان مايوس ٿي هاڻي اهو اعمالنامي جي ٻئي طرف ڏسندو، اتي ان جا گناهہ ئي گناهہ لکيل هوندا، اهو هڪ هڪ گناهہ پڙهندو ويندو، ان تي غم مٿان غم ڇانئجي ويندو، چهري جي ڪاراڻ وڌندي ويندي، جڏهن پڙهندي پڙهندي آخر ۾ پهچندو تہ لکيل هوندو: هٰذِهٖ سَيِّئَاتُكَ وَقَدْ ضُوْعِفَتْ عَلَيْكَ هي تنهنجون برائيون آهن، اڄ انهن جو ٻيڻو عذاب هوندو (يعني تنهنجي برائي جو بہ عذاب توکي ڏنو ويندو، پوءِ تنهنجي سبب سان جيڪي برا بڻيا، انهن جو گناهہ بہ تنهنجي اعمالنامي ۾ وڌو ويندو)، هاڻي ان جون اکيون نيريون ٿي ويندیون، چهرو بلڪل ڪارو ٿي پوندو، ان کي ڏامر جو لباس پارايو ويندو، پوءِ حڪم ٿيندو: وڃ! اهي ماڻهو جيڪي تنهنجي پويان (لڳي بري رستي تي) هلندا رهيا، انهن کي پنهنجو انجام ٻڌاءِ. هاڻي هي پنهنجي مجڻ وارن وٽ پهچندو ۽ چوندو: هاءِ هاءِ! ڪاش! مون کي منهنجو اعمالنامو نہ ڏنو وڃي ها، ڪاش! مان نہ ڄاڻان ها تہ حساب ڇا ٿيندو آهي، ڪاش! موت منهنجو ڪم تمام ڪري ڇڏي ها....![1]

---

[1]...تفسير قرطبی، پاره:29، سورۂ حاقة، زير آيت:24، جلد:9، صفحہ:172۔

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي برائي جي پيشوا جو انجام آهي، اهو ڀانهو جيڪو پاڻ تہ برو هو، ان سان گڏوگڏ ٻين کي بہ پنهنجي پويان لڳائي وڃندو هو، پاڻ سان گڏ گناهہ ۾ شريڪ ڪري وڃندو هو، جنهن جا نسل ان جي ڪري گناهن ۾ مبتلا ٿيا هوندا، قيامت جي ڏينهن ان جي لاءِ غم مٿان غم هوندو ۽ ان جو چهرو تمام گهڻو ڪارو ٿي ويندو. ان ڪري اسان تي اهو لازم آهي تہ برائين کان بچون، گناهن کان هڪ تہ ان ڪري بچون تہ هي الله پاڪ جي نافرماني آهي، ٻيو اهو بہ غور ڪري وٺون تہ اڄ اسان جو اپنايل گناهہ سڀاڻي اسان جي نسلن تائين بہ پهچي سگهي ٿو، جيڪڏهن پنهنجي نسلن جي لاءِ گناهہ ۽ برا ڪم ورثي ۾ ڇڏيا تہ يقين ڪريو! ◈ قبر ◈ حشر ◈ ميزان ۽ ◈ پل صراط تي سخت مشڪل کي منهن ڏيڻو پوندو. الله پاڪ اسان کي ان آفت کان بچائي، ڪاش! اسان برائين ۽ گناهن جو سبب بڻجڻ جي بجاءِ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي وڃون، سنا سٺا ڪم ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، دين جي خدمت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، ڪاش! اسان نيڪيون ڦهلائڻ وارا ۽ گناهن کان پاڻ بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ وارا بڻجي وڃون.

حُبِّ دُنیا میں دل پھنس گیا ہے | نَفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے
ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے | یاخدا! تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اَماں دے | مغفرت کرکے باغِ جِناں دے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے | یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے(1)

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:134-135 ملتقطًا۔

## (3): دين جي بدلي دنيا نہ خريد ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمہ مان ٿيون سبق جيڪو سکڻ لاءِ مليو، اهو هي تہ دين جي خاطر دنيا ڇڏي وڃي تہ ڪو حرج ناهي، البت! دنيا جي خاطر دين کي ڇڏي ڏيڻ، نهايت ئي محرومي آهي. اها ئي ڳالهہ آهي جيڪا الله پاڪ بني اسرائيل جي عالمن کي فرمائي، ارشاد ٿيو

وَلَا تَشۡتَرُوۡا بِاٰیٰتِیۡ ثَمَنًا قَلِیۡلًا ۫

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ منهنجي آيتن جي بدلي ٿوري قيمت نہ وٺو.
(سيپارو: 1، البقرة: 41)

حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُاللہِعَلَیۡه هن جاءِ تي تمام ڪمال جو هڪ نڪتو بيان ڪيو، مان ٿورو آسان ڪري عرض ڪريان ٿو، فرمائن ٿا: دنيا ڄڻ رقم آهي، مثال طور! هي هڪ 100 جو نوٽ آهي ۽ آخرت ڄڻ قيمتي سامان آهي. قاعدو اهو آهي تہ 100 جي نوٽ جي پنهنجي ڪا اهميت ناهي، نہ ان کي کائي سگهجي ٿو، نہ ان کي پائي سگهجي ٿو، نہ ان سان اُڃ اجهائي سگهجي ٿي. ها! اهو 100 جو نوٽ خرچ ڪري ڪاڏو بہ خريد ڪري سگهجي ٿو، پاڻي بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. بلڪل اهڙي طرح هي دنيا آخرت جي پوک آهي، جيڪو پاڻهو هن دنيا جي ذريعي آخرت ڪمائي ٿو، اهو تمام عقلمند آهي ۽ جيڪو بي عقل آخرت جي بدلي دنيا ڪمائي ٿو، اهو تمام نادان آهي جو دنيا عنقريب ختم ٿي ويندي، پوءِ ان جي لاءِ هميشہ جي محرومي رهجي ويندي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ دنيا کي آخرت جي بهتري جو ذريعو بڻايون، ائين نہ هجي تہ دنيا جي خاطر دين کي ڇڏي ڏيون ◈ ڪجھ پيسن جي خاطر ◈ ڪنهن امير ملڪ جي ويزا وٺڻ جي خاطر ◈

هن دنيا جي عارضي آرام جي خاطر اسان پنهنجي آخرت کي برباد ڪري ڇڏيون. جيڪو ائين ڪندو، اهو بي عقل بہ آهي، نادان بہ آهي ۽ آخرت ۾ سخت محرومي ۽ ان کي حسرت جو منهن بہ ڏسڻو پوندو.[1]

ان ڪري پيارا اسلامي ڀائرو! آخرت کي دنيا تي ترجيح ڏيڻ جي عادت بڻايو! ◈ دڪان تي گراهڪ اچڻ جو وقت آهي، هوڏانهن اذان بہ ٿي وئي آهي تہ ڪجهہ پيسن جي خاطر نماز جو سودو نہ ڪريو! بلڪ نماز جي خاطر دنيا کي ڇڏي ڏيو! ◈ جيڪڏهن فرض هجي تہ دنيا جي لالچ جي خاطر زڪوات نہ روڪيو! بلڪ آخرت ۾ عذاب کان بچڻ جي خاطر پوري پوري زڪوات ادا ڪري ڇڏيو! ◈ دنيا جي لالچ جي ڪري، حرص ۾ پئجي وياج جي ڏيتي ليتي نہ ڪريو! ◈ دنياوي آرام ۽ سڪون جي خاطر، ڪجهہ ڏينهن جي عيش جي خاطر والدين کي نہ ستايو! انهن کي اولڊ هائوس ۾ نہ پهچايو! بلڪ آخرت ۾ سُرخروئي لاءِ والدين جي خدمت ڪري وٺو! بس مقصد اهو تہ دنيا جي خاطر دين کي، شريعت کي، الله ۽ رسول جي احڪامن کي پُٺي نہ ڏيڪاريو! بلڪ دين جي خاطر دنيا جي قرباني ڏيڻي پوي تہ کِلي ڪري ڏئي ڇڏيندا ڪريو!

## ماڻهو سَهو ڪيئن بڻيو...؟

حضرت عثمان بن عبدالله رَحمۃُاللہِعَلَیْه فرمائن ٿا: هڪ شخص حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيْهِ السَّلام جي خدمتِ اقدس ۾ رهي علمِ دين سکندو هو. هڪ ڀيري ان پاڻ عَلَيْهِ السَّلام کان پنهنجي علائقي ۾ واپس وڃڻ جي اجازت گهري ۽ چيو: مان جلد ئي ٻيهر حاضر ٿي ويندس. پاڻ عَلَيْهِ السَّلام ان کي اجازت عطا فرمائي.

[1]...تفسير نعيمی، پاره:1، سورهٔ بقرة، زير آيت:41، جلد:1، صفحہ:333 مفصلًا۔

اهو هليو ويو ۽ پنهنجي علائقي ۾ ماڻهن کي چوندو ڦرندو هو: حضرتِ سيِّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام هي فرمايو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلام مون کي هي ڳالهہ ٻڌائي. ان طرح جون ڳالهيون ڪري هو ماڻهن کان مال جمع ڪندو هو. ماڻهو حضرتِ سيِّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جو قريبي سمجهي ان جي تعظيم ڪندا هئا ۽ ان کي مال ودولت ڏيندا هئا. هو وڌو خوش ٿيندو هو ۽ جڳهہ جڳهہ وڃي چوندو هو، مون حضرت سيِّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام کي هي فرمائيندي ٻڌو. مطلب تہ! هن طرح ان تمام گهڻو مال جمع ڪري ورتو ۽ موٽي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي خدمت ۾ حاضر نہ ٿيو. ڪافي ڏينهن گذري وڃڻ جي باوجود جڏهن اهو حاضرِ خدمت نہ ٿيو تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ماڻهن کان ان جي متعلق پڇيو پر ڪنهن کي ان جي خبر نہ هئي تہ هاڻي اهو ڪٿي آهي؟ هڪ ڏينهن پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ هنڌ تشريف فرما هئا تہ هڪ ڳوناٺو گذريو جنهن رسي سان ٻڌل سَهو پنهنجي ڳچي ۾ لٽڪائي رکيو هو. پاڻ عَلَيْهِ السَّلام ان کان پڇيو: اي الله پاڪ جا ٻانها! تون ڪٿان اچي رهيو آهين؟ عرض ڪيائين: فلاڻي ڳوٺ مان. فرمايائون: ڇا تون فلاڻي شخص کي سڃاڻين ٿو، جنهن مون کان علمِ دين سکيو؟ ڳوناٺي پنهنجي ڳچي ۾ لٽڪيل سَهي طرف اشارو ڪندي چيو: هيءُ ئي اهو شخص آهي جنهن جي متعلق اوهان عَلَيْهِ السَّلَام پڇي رهيا آهيو. الله ربُّ العزَّت هن کي سهو بڻائي ڇڏيو آهي. ان جي متعلق حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي نازل ٿي، الله پاڪ فرمايو: اي موسيٰ (عَلَيْهِ السَّلام)! هن کي مون جانور ان ڪري بڻايو آهي جو هي دين جي ذريعي دنيا جي حقير دولت طلب ڪندو هو.[1]

---

[1]...تاريخ ابن عساكر، رقم:7741، موسى بن عمران، جلد:61، صفحہ:152۔

الله اڪبر! هي آهي دنيا جي خاطر دين کي وڪرو ڪرڻ جو خوفناڪ انجام...!! الله پاڪ اسان کي ان کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ اهم وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ اهم وضاحت ڪري ڇڏيان تہ ◈ پگهار وٺي اذان ڏيڻ، نمازون ۽ جمعو پڙهائڻ ◈ پگهار وٺي ٻارن کي قرآن پڙهائڻ وغيره دين کي وڪرو ڪرڻ ناهي، ان اُجرت جي شريعت اجازت ڏني آهي، ائين بہ جيڪي ماڻهو پگهار وٺي جمعو پڙهائين، اذانون ڏين ۽ قرآنِ ڪريم سيکارين ٿا، اهي قرآن سيکارڻ يا نمازون پڙهائڻ جي نہ بلڪ جيڪو اهي وقت ڏئي رهيا آهن، ان وقت جي قيمت وٺن ٿا. تنهنڪري هي دنيا جي خاطر دين کي وڪڻڻ ناهي. الله پاڪ اسان کي دنيا کي دين تي نہ بلڪ دين کي دنيا تي ترجيح ڏيڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## القرآن الڪريم ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊيپارٽمينٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي : Al Quran Al kareem (القرآن الڪريم). هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ◈ مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ ◈ مختلف قارئين جي آواز ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌڻ

جي سھولت موجود آھي ◈ ان سان گڏوگڏ ڪنھن مخصوص سورت يا آيت ڪي Bookmark بہ ڪري سگھجي ٿو يعني بار بار پڙھڻ واري سورت يا آيت ڪيBookmark جي بدولت بآساني پڙھي سگھجي ٿو. اھا ايپلي ڪيشن پنھنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ونو، پاڻ بہ فائدو ونو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

بيان کي اختتام طرف آڻيندي ھڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇاآھي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ لڏي ويندڙ غلط فھمي جي نشاندھي)

مسئلو: فصل جا اخراجات پيداوار کان وڌيڪ ٿي ويا تڏھن بہ عشر واجب ٿيندو.

وضاحت: عُشر زميني پيداوار جي زڪوات آھي. اڄ ڪلھ ڪٽڪ جو لابارو جاري آھي، جيڪي ھاري آھن يا جن جن جا فصل آھن، انھن تي لازم آھي تہ فصلن جي زڪوات لازمي ادا ڪن. ڪڏھن ڪڏھن ذھنن ۾ خيال ايرندو آھي تہ مھانگائي تمام گھڻي آھي، ايتري پيداوار نہ ٿي، جيترو خرچ ٿيو، تنھنڪري ھاڻي بہ عشر لازم ھوندو يا نہ؟ مسئلو ٻڌي ونو! ◈ فصل گھٽ ھجي يا وڌيڪ، جنھن کي الله پاڪ فصل عطا فرمايو آھي، ان تي ان جي فصل جو ڏھون حصو يعني عشر الله پاڪ جي وات ۾ ڏيڻ لازم آھي ◈ اھو بہ ياد رکو تہ عشر جيڪو آھي ھي اخراجات ڪيڻ کانسواءِ پوري پيداوار تي ھوندو آھي، مثال طور ڪٽڪ جو لابارو ڪيو، ھاڻي جيتري ڪٽڪ حاصل ٿي، ان سڀ جو ڏھون حصو عشر ادا ڪرڻو آھي، ان مان اخراجات مائنس نہ

ڪيا ويندا ◈اها ڳالهہ بہ واضح رهي تہ عشر ڪڍڻ کان پهريان فصل کي استعمال ڪرڻ حلال ناهي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَا مُتَعَالِي (اي سڀ کان بلند ۽ بالا!)

مشڪل ڪمن ۾ يَا مُتَعَالِي ڪثرت سان پڙهڻ نهايت ئي مفيد آهي.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...دارالافتاء اہل سنت،فتوی نمبر:Nor-12895۔

[2] ... مدنی پنج سورہ، صفحہ:256۔